# ٻارن لاء بائبل
## تحفو

# يسوع انڌن کي شفا ڏيندو آهي



لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



بارتمئي هڪڙو انڌو ماڻهو هو، جيڪو يريحو جي ويجهو رستي تي ويٺو هوندو هو. ڪي مهربان ماڻهو جڏهن هن وٽان لنگهندا هئا ته ڪيس ڪجهه پيسا يا کائڻ لاءِ ڪجهه ڏيندا هئا. برتمائي ڪم نه ڪري سگهيندو هو ڇاڪاڻ ته هو ڏسي نه سگهيندو هو. هو رڳو پنيندو هو.




هڪ ڏينهن روڊ تي تمام گھٽي رشه هئي. برتمائي ڪيترن ئي
قدمن جي آوازن ڪي ٻڌي ٿو. ڪجهه غير معمولي ٿي رهيو
هو. جلد ئي انڌو ماڻهو سمجهي ٿو ته اهو ڇا هو. ناصرت جو
يسوع شهر ۾ هو. ماڻهو يسوع کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا.
3


"اي يسوع ابن دائود، مون تي
رحم ڪر" هن رڙ ڇو ڪئي؟ هن
ڇو سوچيو ته يسوع هن جي مدد
ڪري سگھي ٿو؟ بهرحال، هن
ٻين جي باري ۾ ٻڌو هو، جن کي
يسوع طرفان شفا ڏني وئي هئي.
ڪي گونگا هئا، ڪي ٻوڙا هئا،
ڪي معذور هئا، ڪي انڌا هئا،
جيئن هو هو. "ابنءِ دائود، مون
تي رحم ڪر،" بارتمئي وري
رڙ ڪري ٿو. سندس
آواز اُميد سان ڀريل هو.
4


برتمائي کي هڪڙي
ڳالهه جي پڪ هئي.
جيڪڏهن هن کي هاڻي
مدد نه ملي، هن کي
ڪڏهن به ٻيو موقعو
نه ملندو. يسوع ڪڏهن
به وري انهي رستي
کان نه گذري.
5


برتمائي کي يسوع
تائين پهچڻو هو. پر
ماڻهو رستي تان نه
هٽيا. "شش،" هن
کيس خبردار
ڪندي چيو.
6


پر برتمائي خاموش نا ٿيو. هو رڙ ڪندو
رهيو. اوچتو يسوع ٻهي رهيو! ٻڌيندو آهي!
حڪم ڏئي ٿو ته انڌي کي هن وٽ آندو
وڃي! "خاطر جمع رکه،" ماڻهو برتمائي
کي چوندا آهن، "اٿ، هو توهان کي
سڏيندوآهي."
7


پنهنجي چادر هڪ پاسي اڇلائي،
برتمائي اٿي ٿو ۽ يسوع وٽ اچي ٿو.
8


"توهان ڇا چاهيو ٿا ته مان توهان للاءَ ڪريان؟" يسوع پڇي ٿو. توهان انهي جو ڪيئن جواب ڏئي سگهو ٿا؟ ڇا توهان نون ڪپڙن تي تمام گهڻو پئسا خرچ ڪندا؟ ڇا اهو برتمائي اهيو چاهيو ٿي؟
9


نه، انڌ برتمائي يسوع کان سون يا سٺا ڪپڙا نه گهرندو آهي. توهان کي خبر آهي ته مون کي ڪهڙي ضرورت آهي.
10


"اي خُداوند، ته مان منهنجي نظر حاصل ڪري سگهان." برتمائي ڏسڻ چاهيندو هو! هن چاهيو ٿي ته خدا جي مخلوق ۽ پکين ۽ وڻن جو سمورو حسن ڏسي سگهان. هن کي ڏسڻو هو ته جيئن هو پاڻ سنڀال ڪريسگهي ۽ پنن وارو نه ٿئي.
11


پوءِ يسوع برتمائي کي چيو: "وڃ، تنهنجي ايمان تو کي چڱو ڀلو ڪيو آهي."
12


فوري طور تي هن جي نظر اچي ٿي ۽ يسوع جي پٺيان لڳو، ۽ هو صرف ايترو چئي سگهيو، "خُدا زبردست آهي جنهن مون کي شفا ڏني آهي!" برتمائي لاء اهو هڪ تمام خوشيء جو لمحو هو.
13


سڀ ماڻهو، جڏهن اهي ڏسندا آهن، خُدا جي واکاڻ ڪن ٿا. ٻيهر، انهن هڪ غريب انڌي فقير کي نظر بحال ڪرڻ ۾. خُدا جي فرزند يسوع جي عظيم طاقت، کي ڏٺو.
14

## يسوع انڌن کي شفا ڏيندو آهي

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

مرقس ١٠، لوقا ١٨، يوحنا ٩

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڦوڏئي."
زبور 119: 130

15



# ختم

50

60

16

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا چاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوءِ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوءِ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ذيءِ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ  ڳالهايو.

17